# مخزن العلوم

يعني

حصو

علم تصوف جو

از

افادات

حضرت قطب العارفين فخر الكاملين زيب و زينتِ مجدّدين

خواجه عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا مجددي سرهندي

قدس سره

درگاه شريف ٽنڊو سائينداد، پوسٽ ٽنڊو محمد خان ـ ضلع حيدرآباد (سنڌ)

مطبوعه: اسماقيه پرنٽنگ پريس ڪراچي

سائز ٢٠ × ٣٠

سال طباعت سنه ١٣٩٧ھ / ١٩٧٧ع

تعداد هڪ هزار

دفعو پهريون

مقام طباعت

قيمت


## ملڻ جا هنڌ

١ مولوي نور احمد سومرو بنگلو نمبر ١٦٣ گارڊن ويسٽ ڪراچي نمبر ٣

٢ 〃 〃 〃 پوسٽ ديهات تعلقه کنڊيارو ضلع نواب شاهه سنڌ

٣ جناب حضرت ماما ولي محمد صاحب سومرو ڪوارٽر نمبر ٦-١١ بيراج ڪالوني حيدرآباد سنڌ

٤ جناب فضيلت مآب قاري عبدالرحمٰن صاحب مدرس مدرسه مجدديه ميمڻ محله ٺٽو سنڌ

٥ عباسي ڪتب خانه جهونا مارڪيٽ ڪراچي شهر ٢

